سنڌي ساهت سوسائٽيءَ جو

ماهوار رسالو

مهتمم ۽ مصنف: لعلچند امرڏنومل جڳتياڻي

سال ٨] [نمبر ٥

عملدار ڪين رعيت آزار؟

ٽپال خرچ سوڌو سڄي سال لاءِ فقط ١-٨-٠

شاگردن کان ٠-٣-١ هندستان کان ٻاهر ٢-٠-٠

قيمت ٠-٣-٠

مئنيجنگ ايجنٽ

اين. ايچ. پنجابي ڪمپني

بندر روڊ ڪراچي.

Printed by Awatrai Parsram Gulrajani
at the Bharatwasi Printing Press Hyderabad Sind
Published by Mr. Lalchand A. Jagtiani
for N. H. Punjabi & Co., Karachi.

عملدار ڪين رعيت آزار؟

تعلقه آفيس

پردو پهريون

(منشي ميلهو مل هڪ پاسي کان ۽ منشي ننڍرمل ٻئي پاسي کان اچن ٿا. ڪوٽ ٻلهين جي ڪلهي تي رکيل آهن.)

ميلهو مل - ادا ننڍر خبر ڪر ته وڏو منشي ڪڏهن ايندو؟ آهي ڪو پتو؟

ننڍرمل - ڀاڳوارو ايندو: پر نه اچي ته ڏاڍو خاصو.

م - ڇو؟ نه آيو ته خاصو ڪئن ٿيندو؟

ن - (ڪلي) ڇريا. ملڪ ڪٿان پيا ماريون؟ آهي ڪانهڪي مجال جو ڪجهه چوي! خان صاحب سو ٿيو اندر؛ پوءِ فرحت نه آهي؟

م - مان اڃا نئون آيو آهيان. مونکي اهڙين ڳالهين جي خبر نه آهي.

ن - سکي پوندين، سکي پوندين. ڏاڪر ڪندو تهي پوندين.

م - پڇڻ ۾ ڏو اچي پگهار ٿا وٺن؛ سا ڳالهه سچي آهي؟

ن - ادا هنڌ ٿو ملي ۱۴ روپيه؛ پوءِ ملندو ۱۵. پيو ڇا؟ ڀائي اسين نه پگهار کي ڏسون ٻه کين!

م - ڏسنديون ڪٿن؟ ملڪ ڪيترو ڏور ڦرين؟

ن - ڀائي ڪٿا ڪريون؟ ائين ڪرڻ کان سواءِ پوري ڪٿي ٿي پوي! ٿي نه اٺ نيا ڏيون؛ ٻه اٺ پٺ؛ برابر ست ڏيو ڪاڻ وارا: پوءِ ڪٿان نه پوري ڪبي! پگهار نه مهنو ڏسجيئي ڪين. پيو ڏکڙا ڏيو وڃي.

م - نڌر قسم اٿئي گوروءَ جو. ڇڙجان سچ شراب تي مهيني ۾ گهڻو ٿو خرچين؟ ويسي گهڻي پرهندو آهين؟

ن - يار روز اڌ ٻاٽلي سنڌيءَ جي ته ضرور ڪپي. پيو اوطاق جو خرچ ٻه ويهه ٻاويهه اچيو وڃي.

م - يعني ڪل خرچ، تنهنجي سر جو ٿيو ويهه هڪڙا ۽ چاليهه پيا. تنهن کان سواءِ ڳوٺ ٻه نه ڪجهه مڙيوئي موڪليندو هوندين؟

ن - مهنو ڏاو ته اول پنجاهه روپيا ڳوٺ پنڊا آهن.

م - اوطاق ۾ ويسي ڪئن ڦوريندا آهيو؟

ن - ويان ٿي! پر ميلهو اهو سوال ڪيئن پڇيءَ؟

م - خير ائين ئي.

ن - ميلهو اوهانجي ويسي گهڻي اچي؟

م - ٻارهن ٽيرهن.

ن - اوهان ٻلا ويسي ڪئن ڀريندا آهيو؟

م - ٻَر ٻچيئي ڪين!

ن - تڏهن بـــم.

م - اسان ڦوڙيندا آهيون ڦلڪن لئي؟

ن - (وڏا ٽهڪ ڏيئي) ڇا ڦلڪن لئي؟ سو ڙي ڪئن؟

م - ڇا ٿيندو هو جو اسان وٽ جيڪي نپدار رهندا هوا، سي ته ڪنهن ڏينهن اوير ٿيرو ايندا هوا ته صبوح جو ڪا ٿيندا ئي ڪين هوا. پر رات ٿيندي هئي ته دوسي ٻيٽ ۾ ڦلڪا اُچلائيندا ويندا هوا. تڏهن لاچار اصل هئن ڪيوسين جو ٻاومان چار مانيون اهو ڪٽي حساب ٻڌوسين. بس ٿيو جيڪو جيترا ڦلڪا کائي اوترا جو ٻڙيءَ لئي لکندو وڃي.

ن - اصل ائين؟

(اتي موسوآفيس جو پٽيوالو اچي ٿو.)

ن - اڙي مرسا! منشي وڏي جو ڪو پٽو؟

ڪڏهن ٿو اچي؟

م - سائين اچي ويو! ويچاري گهوڙي کان ڪو ڏو آهي ڌڪو، سو گرڌائي ضرب جي پيڙا اٿس.

پر چيائين ته آفيس ۾ اجهو ٿو اچان.

ن - ميلهو ڀلا اچ ته پاڻ ته هلون.

(ٻئي وڃن ٿا)

تعلقه آفيس

پردو ٻيون

(سپاهي خزاني ۾ ترم تي پيا پهرو ڏين. هڪ پٽيوالو اندر ويٺو گڏيون ڇنڊي. دفترن جا ڍير رکيا آهن. سڄي منشي عبدالله ويٺو پنهنجي گاديءَ تي ڪم ڪري. ميلهو مل ۽ نٿرمل ٻئي اندر گهڙن ٿا. پنهنجي پنهنجي گاديءَ تي وهن ٿا.)

عبدالله - نٿرمل دير ڪيءِ؟

ن - آخوند ويو هوس تڪاٽي ۾. ڪڏاه صاحب ڪرايو هوم، تنهنڪري اوير ٿي ويئي.

ع - ڇو، ڪڏاه صاحب ڪرايو هوءِ، ڪا رقم ماڻ جي اُميد آهي ڪئن؟

ن - نه، منشي عبدالله گهٽيئي پيا ڪوڙ پاپ ڪريون. انهي ڪري ڇئون پلاءِ نهين به لاڙو هجي.

ع- ادا چڱو ٿو ڪرين. پر منشي وڏي جي ڪا خبر سڌي اٿيئي؟ ٻڌجي ٿو ته ڏکو ڪاڏو اٿس.

ن- ڏکو ڪاڏو اٿس ڪنهن مان ڇا ٿيو؟

ع- ڪڏهن ڪنهن جي مرضي آهي مري وڃي ڪئن؟

ن- خير جي مري ته، ته به ڪجهه وقت هند ۾ ته پيو رهي ته منشي کي ڪا قوت اچيس. ويچارو ڪم ٿو ڏاڍو ڪري!

(اچي موٽومل خزانچي اچي اندر ڪچهري ۾ ويهي ٿو.)

خزانچي- آخوند ڪلهوڪو زميندار رستي ۾ گڏيو هو. چياءِ ٿي رقم آخوند کي ڏيئي آيو آهيان.

ع- ڪهڙو زميندار؟ ڇا جي رقم؟

خز- ميان غلام قادر پيو ڪير؟ وري راڳ پيو ڪرين. سمجهين الاجي ڇا ٿو؟

ع- بس ڪر بس ڪر. گهڻو نه ڳالهاءِ. (ناس جون چپٽيون پيو ڏئي.)

خز- ڇا جٽ گهڻو نه ڳالهايان! ڇاڳين ٿو ته ڪاردار مسلمان آهي ته بس ڪئن؟ اهڙو اندريون لاپڙو هندوستان ۾ جو پيو سهڪندين.

ع-- چپ ڪر واڏبا واڻئي جا پٽ ته ڪريانءِ نه سڻئون. (وري ناس جون چپٽيون ٿو ڏئي.)

خز-- جٽ جو دماغ ته ڏس (ڏاڙهي پٽي ٿو هٿ

۾ ڏيانس.

ع -- ڳ ه کي ڊڏ هن ڪتي ڪٽي تڏهن شڪارين جا گهرڳولي. ٽوڪي ٻه واٽيا ڏسڻجي ٿو لڳن ۾ ڪرهن ٿي ڀيئي آهي. (اُتي اڦرتڙ وڃائيس) هان پلا جهل ڀُررو!

(خزانچي موتر مل ٻه اُتي آخوند جي ڏاڙهيءَ ۾ هٿ وجهڻ جي ڪوشش ڪري ٿو، پر آخوند مورڳي لوٽي پراهڙي اپات ٿو وڃائيس جو هو وري ڪڇي ٻه نٿو. ٽنهن وچ ۾ نڌ مل ۽ ميلهومل ٻه اچي ٻنهي کي هٽائين ٿا. هرڪو پوءِ پنهنجي ڪم کي لڳي ٿو وڃي.)

م-- چڱوڪول رجسٽر. اچ ته نمبرڪڍايون.

(ٻئي آمدني ۽ روانگي جا رجسٽرکولين ٿا.)

ن- نمبرهڪ هزارتي سو پندرهون، نمبر هڪ هزارتي سو سورهون، نمبرهڪ هزارتي سو سترهون، هڪ هزارتي سو ارڙهون.

م-- لکندو ٿو وڃين؟

ن -- هائو هائو.

(اتي منشي چندراءِ سٽامنٽ منشي اچي ٿو.)

چندراءِ- (گاديءَ تي وهي) آخوند منشي وڏو بي چاڪ ٿي آيو آهي. پر ويچاري کي ڪم جو ڏاڍو

ارنو آهي. اِجهو ٿو اچي.

ع – هائو ڏاڍو ڪم جو اونو اٿس! ڪين سڀ جهي ٿو جيئرو چاڍ ايندس اوترو پئسو چاڍ ملندم. الاجي ڇو اچي پئسي ۾ موهه پيو اٿس؟

م – سڀ ڪنهن کي پنهنجي پيٽ جي آهي. آخوند صاحب خدا ڪندو ته اوهان به جلد هيڊ منشي ٿيندا، پوءِ ڏسڻ ته ڪئن ٿا ڪريو؟ (ٿورو وقت مات ڪري) پر آخوند صاحب سچ ڇئجو هنئر جي امان نه اچي اوهانکي هڪ ٻئي کان ڇڏايون ها، ته اوهانجي سونهاري جو بچاءُ به خير ڪو هو.

ع – (ڪلي) ڇو ڪرڏون ٿڌگه جيڏو، تعلقه آفيس ۾ اچ آيو آهين. ڪوکي خبر ڪهڙي؟ اهڙيون ڳالهيون ته، تعلقه آفيس ۾ رز پيئون ٿين.

خز – (ڪلي) اڙي ميلهو هي اڃان ڇا آهي؟ آخوند ۽ منهنجي وچ هڪ لڳا اهڙو اچي ٽڪرار ٿيو، جو منهنجا هٿ ته آخوند جي ڏاڙهي، ورئ به اسين اهڙي جا اهڙا.

م – جي ائين آهي ته، هن نوڪريءَ کي ٽڪ آهي.

ن – ميلهو هن جٿ جي هي درخواست ڏيڻي صاحب وٽ موڪلڻي آهي. (هٿ ۾ ڪاغذ ڏيئي)

ڪا رقم ڏني اٿس ڪين نہ؟

م- نہ!

ن- (ڪاڳر وٺي وٽي ڦاڙي ٿو ڇڏي) ڏس جيڪو ٽري سٽيپي نہ ڪري، تنهنجي عرضي ٽوڪريءَ ۾.

م- اڙي ٺٺر هي ڇا؟ هي تہ ڏٺو وائڻو ڪنياءُ ڪيءَ!

ن- (کلي) ڪنياءُ! اي منشي اهڙا قصا ٻيا بہ نہ ڏٺاءِ تہ دڪ دڪ جو مرض ٿي پوندءِ. تنهن ۾ منهنجي صلاح اٿيئي تہ ساڄهرڳي وڃي سا ڏٻيلي ۾ ويهہ. سکرمان ٻي ڏوکرين ما لها ملنديءَ، سدا وٺي ٽڏ ۾ ڳي وڃ پرميسر جي شيوا ڪر. روٽي لڳرتي اُتي جهجهوي.

م- ٺٺرسچي ڳالهہ ڪرڻ ٽان ٽوڪي ا يٽري منيان چوٽي وڃي؟

ن- پائي گيان تہ ٺو ۾ گهر ڪري ويو آهي، سو مٽان هٽي ڪا ٻاهہ جي لهس اچي وڃيئي، تنهن ڪان تہ ٽڏ ۾ ئي وڃي ڏٽي کي ڳول؛ نہ تہ پڇتي نہ وڃيئي.

(اٿي منشي وڏو نعمت راءِ مٺب ڪا ئيندو اچي ٿو. موسو ٻڌائين ٿو. سڀ قصا ڇڏي ڪم

کي لڳي ٽا وڃن. نعمتراءِ گاڏيءَ ۾ ويهي ٿو ته هرهڪ منشي پنهنجي گاڏيءَ ڏان اٿي اچي پيرين ٿو پويس .)

چندراءِ - ساءِ غريب نواز! ڏکو ڪٿن ڪاڏو؟

نعمتراءِ - سو ٿو منشي چندراءِ ٻڌي. شادين جا ها ڏيارا، سو صبوح جو ساڻ ڏنائين ڪاڻ. صبوح ٿيو ئي ڪين ته ڏنائين سيروني پوري. اها اڃا کئي ڪئي سين بس ته ڏنائين ڪرهي ني چوڪا. اُها پئن مئي هئي ته ڪٽي آيا لپٽي ني ٻاجي. سو ته منشي چندراءِ ايتر ته ٿي پيا ڊوَ جو ڳالهئي نه ڪر. پوءِ رات جو ٽياسين ١١ بجي وانڊا. مون ته اوڏيءَ ٽاڻي وڃي ڪي چونڪ ۾ گاڏيءَ جي پوڇا؟ سو گهاڏيءَ وارا ڇون پنجن روپين، گهاڏيءَ جو جهنگهشائيءَ تاءِ بارو. پوءِ ساءِ ڏي ڪير ٻڌي ڪير سٽي ڪير؟ پوءِ ته منشي چندراءِ لنگهي ويو آيان. سانئين جي گهيرن ۾. اتان وڃي ڪڍايو ٿي مارءِ گورو. تنهن کي به ڏنا اٿم چه آنا. نه ته چئن آنن ڪان وڌ هڪ پئي نه ڏيونس. پوءِ گورو وٺي آيس گهير، ۽ گهاشو ڪري اٿي هڪليو مانس؛ سو چئن نمڪليءَ واري چاري چڙهيم اٿن گوري کي به ڪٽي چڙهيم. ٿي

ويئي هئي ڏير. هوس اُيئرو سو نہ جڏن ٿو گوري ڪا ن ڇڏان ڪئن ايرو تہ ڪادم دڪ، جو ڳالئي نہ ڪر. پروري ٻہ ڪا شو جو گهاڙي هُي ليٽ. نہ ڪ، ڪرماڙو پئچي سگي ڪري سگي. ڏير جو اني ڪري ٿي.

چئنراءِ - منشي وڏا هيندڙ نہ مڙيوئي ڏڏيءَ جو فضل آهي؟

نعمتراءِ - البت سور آهي. راتا جو جان ڪان وڏي ٿو.

(اڙي هڪڙو مسلمان زميندار اچي ٿوءِ منشي چئنراءِ سان ڪن سن ۾ ڳالهيون ڪري ڪجھہ ڏوڪر ڏيئي وڃي ٿو. مڏان هڪ پائي سامون مل اچي ٿو)

سامون مل - شاءِ ڪش آهيو؟ منشي چئنراءِ!

چئنراءِ - اڙي آءُ پائي سامون مل.

س - شاءِ ڪئي بدل لاءِ درڪاشت ڪي اٿئون پوءِ ڪنديں ڪا ميهرباني ؟

چ - نمبر ڪل گهڻا آهن ؟

س - چار سو هڪڙا اڏا ويهہ ٻيا.

چ - نہ ۴۲۸ روپيہ ٿي شرع. ٻيو اسانجو لاڳ.

س - چارسو اڏ ويهہ ۽ لاڳہ؟ سو ديوان صاحب

ايڏي ڇڪ ڪڍڻ وڌهو وينا آهيو؟ روپين ۾ تن
جو ڪم تنهن ۾ نالا پيا سون جا ڳنهو.

ج- پائي اسانجي ٻي ڪا ٻني ڪا ڪيتي؟
اوهان ئي آهيو، اوهانکي ئي پيا لڏرن.

س- سو ته هڪٿر- پر اسانکي ٻه رت ڏسي
وڃي هٽو. اتي ۾ اوڻ ڪري ڪئو. هاڻ وت ٻه
روپيه ڇڏاءِ جلد.

ج- (هٿ ماں ٻه روپيه ڪڍي ڦٽا ڏيکريس)
اڙي موسا ڪڏي ڪر هن واڻڪي کي ٻاهر.

س- شاهه نيا ڏين جو اٽيڻي ٻلو ڀلا ڏهه ئي
وت.

ج- اڙي ڪٿريو ته ڪين آهين؟ ٻار ڏه پرچئين
ڪڍڻ؟ ٻنجه سو روپيه ڳاڻ ڳڻيا پرندءِ هڄيڻي
قبول ته رقم ڪڍي اچ؛ نه ته وٺ اهو رستو. وڏيڪ
ڏين پا نچ ڪنڊين ته مفت آبرو وڃائيندين.

س- پرءِ شاهه نيت ڪا ميهرباني ٻه ڪنڊين
ڪين ٻنهه بس؟

ج- واڻڇو هڪ لڳا ڪين ڇهو ماڻءِ ته مفت
۾ اسان وٽان موت به ڪين ملندءِ؟

س- شاهه اوهان هندو ڏي اسان هندن جي
پرورش نه ڪندا ته پوءِ ٻين کي ڪهڙي ميار آهي؟

ج - هل هندو هندوءَ جا پٽ! (پٽيوالي کي سڏي) اڙي موسا ڪڍهان هن واڻئي کي ڪن کان وٺي ٻاهر. صبوح لاڪر رسڻ ڏي پيو آهي.

س - شاهه ڏمرج نه. پنهنجي ڪري رقم وٺ. پر هيوَر ڏوڪر ساڻ ڪونهي. چار ويهون ساڻ اٿم. باقي ٽي ويهون سي به ٻئي چوٿين ڏهاڙي حاضر.

چندراءِ - (چار ويهون وٺي) مطلب واڌيو واڻئي جو پٽ پورو آهين. نيٺ جڏهن ڳالهائڻ ڪاڏهه تڏهن رقم پرائين. نه ته پئي ڇڏڻ ڪيءَ.

س - اسان ذاهل ماڻهو. اسانجون ڪهڙيون ٿو ڳالهيون ڪرين؟ هاڻ پلا سيگهه ڪر.

ج - چٺو آهين ڪاڳر تيار آهن. صحيحون وجهرائي ڳنهيو وڃ.

(سامن مل ڪاڳر وٺي وڃي ٿو ته مٿان هڪڙو ميون سهڪندو سهڪندو اندر آفيس ۾ گهڙي ٿو اچي)

ميون - (چندراءِ کي) ساءِ هيڊ ماجريل ڪٿي آهي؟

ج - (هيڊ منشي ڏي اشارو ڪري) اوهيو

جيڪو هتي ويٺو آهي.

ميون- ساءِ هو جيڪو تڪاڻي ۾ رکيو آهي، ۽ اڳيان صندل پيو اٿس؟

ج- جي اوهو اوهو.

ميون- (ٻروڙي اچي هيڊ منشي جي پيرن ۾ ڪري ٿو) حضور منهنجو فرياد آهي.

نعمت راءِ- اڙي ڇٽ هل نه ڪر. ڇو ٿو چوين؟

ميون- ساءِ منهنجي پاءِ منهنجي زال کي ماريو آهي، تنهن ڪري منهنجو فرياد آهي.

نعمت راءِ- منشي نٿرمل هنجو فرياد اچي پڙهه. (منشي نٿرمل اٿي فرياد پڙهي ٿو)

نٿرمل- ساءِ مارا ماري جو ڪيس آهي.

نعمت راءِ- [عريضي هٿ ۾ وٺي) اڙي ڳالهه ڪهڙي آهي؟

ميون- ساءِ ڪون ٿئين پاڻ ته منهنجو پاءُ هي منشي ٿيو منهنجي زال. پوءِ ساءِ هي ڪهڙي ٻه ڇڙا هئي، بدمعاش هئي، ته ڪو سوئر ڪتي ڪو بلي جو ڪم ڪيڙو ـــ

نعمت راءِ- [پيرو ۽ ڏيئي] نخلجي لعنت هجيئي، ڇٽ ڇٽ جا پٽ. ڳالهائڻ جي فضيلت

ڪان سکيد، آهٺين

ن- ساءِ فضيلت سکيو هجي تہ جٽ ڇو ڪرنجي. جٺن جو اصل ڳالهاءِ ٿين ٿيندو آهي.

نعمت راءِ- ڏونڪي رڳو اهو خيال ٿيو جو نرڪي پانجي زال بڻايائين.

ن- ڪتي ڪربلي ڪان تہ ساءِ جڻ بہ ڪين ويا.

نعمتراءِ- ٿهيو ٿهيو هاڻ وڃي خرچ وٺينس (ميان کي) اڙي منشي کي خرچ ڀري ڏي.

(ميون ۽ نثرمل ٻئي گڏ جي نثرمل جي گاديءَ وٽ ٿين ٿا.)

ن- ميان ڪيو خرچ.

ميون- ساءِ ڪيترا پئسا؟

ن- ڳوٺان گهڙو ڪٽي آيو آهين؟

ميون- چار ريهون ڪٽي نڪتو هوس. باقي ٻچون اٺ بہ ريهون ۽ روپيہ ات.

ن- تہ اهي مڙئي مونکي ڏي تہ ليکوکري ڏيان.

ميون- ساءِ عرضيءَ واري تہ چيو ٿي جو روپيو ڏيو مس پوندءِ.

ن- تہ ميان تنهنجي مرضي آهي ڇا جو ياڻي

کي پاڻ سان وٺيو ايندين؟

ميون- نه جمّين، مونسان ڪٿي ن ايندو!

ن- ته پوءِ سڀ پئسا ڪڍي ٻاهر ڪر.

مياهو مل (نٿرمل کي ڪن ۾) نٿر ڳالهه خسيس ويچاري کان اٺا ويهه روپيه ٿو وٺين.

ن- ٿون ماٺ ڪيو ويٺو تماشو ڏس. (ميان کي) اڙي جٺ جهٽ ڪر. مونکي ٻيو به ڪم الاهي پيو آهي.

ميون- سائي به ويهون ڏيانءِ ٿو. باقي روپيه اٺ سي آئي رکان ٿو پاڻ وٽ، جو گهر ۾ سود و وٺي وڃڻ اٿم.

ن- ميان دير ٿوکي ٿيندي. منهنجو ڪي وڃي ڪين ٿو.

ميون- سائي پلا پنجويهه وٽ.

ن- روپيه ڪڍي ڪر هيڏانهن ته ليکو ڪري ٻڌايانءِ. پوءِ جيڪي بچي سو ٿون کڻج. اسان کي ائين ٿنهنجي ڪوڏي حرام آهي. (ميون رقم ڪڍي ڏئيس ٿو.)

ن- ميان روپيا پندرهن ٿيا وڏي ٽڪٽ جا.

ميون- سائي وڏي ٽڪس ڪهڙي؟

ن- (پيٽ ڏي اشارو ڪري) جا هن پيٽ

کي لڳڻي آهي.

ميون- ساءِ مون نہ سمجھو.

ن- ٻوڪي اهاڳالھ ڪيئي تہ ٻنھنجو پاءُ قيد تي اچي نہ؟

ميون- ائين حاڪم ائين.

ن- تہ پوءِ پڇين ڇو پيو؟

ميون- پلا سائين ڪجھ تہ مونکي ٻہ موٽائي ڏي، تہ آءٌ ٻچن لاءِ ٿورو گھڻو ٿول ڏينگر تہ وٺيو وڃان.

(ڏٽر دل ٻہ روپيہ ڪڍي ٿو ڏئيس.)

ميون- ديوان پڌءِ نہ. قيد ڪري گھرائجانس.

ن- چڱو آهين. (آهستہ) پر رات جو منشي وڏي جي جاءِ ٿي وڃج.

ميون- سو هڏهين. پر اچ نہ سياڻ ويندس. پوءِ منشي وڏي کي ٻہ ٻہ ادائي ويھون ڏيئي، هن مردود کي مڙيوئي ٽيپ ڏيارينداس.

ن- ميان ڏاڍو سياڻو آهين. هاڻ پلا وڃہ. سياڻ هوڏانهن ضرور وڃجہ.

ميون- پراجھو هٿ ڪڙيون وجھرائي ٿو گھرائيندس تہ مزرايون ڏيندو سانءِ.

ن- ميان ٿون سڀ ڳالھہ کان چڱو آهين.

هنڌ ۾ وڃ. سرڪاري ڪم پيو ته گهڻو ڪرڻو پيو آهي.
(ميون موڪلائي وڃي ٿو. مٿان بصر واڻيو اچي ٿو.)

بصر- منشي نٿرمل هي لوڻ جي پاس نه داخل ڪري ڏجئين.

نٿرمل - واڻيا شرع ڪٿي؟

بصر- منشي شرع وري ڇا جي؟ هن ڪيس ڪم لاءِ به شرع؟

ن- واڻڇو سمڪ ڪانه اٿيئي نه هتي ڪل اُڌرا ڏيءَ لاءِ به شرع رکيل آهي؟

ب- ساءِ پيا به منشي ڏٺا سين، تون ته هيڪاري بلا آهين! (چار آنه ڳنڍ مان ڇوڙي) پلا وٺ پنهنجي شرع. اُڪلاءِ ڪم ڪي.

ن- (چار آنه هٿ مان کسي ڦٽا ٿو ڪريس) اي واڻيا ڪي ڊپري جا ڪمي ڏٺا اٿيئي ڪڏهن؟ روپيا وٺندو سانءِ به ڪلدار.

ب- سو پر ڪيئن؟

ن- ڏيندين ڪين آءٌ ڪريان رجسٽر بند؟

ب (اٺ آنه آچي) پلا اٺ آنا وٺ. ڪر پورا ڪو. گوره جي واسطي سڏاءِ نه.

ن- ڪڏي ڪرپلا روپيه باهر. ڏاڍا واڻيا

اوهين پڪا آهيو.

ب - (روپيه ڏيئي) جئين ساءِ اسان ڪجا ڪريون؟ هڪڙو وارو هجي، يا هڪڙو جڻو هجي نه به جيئن ٿيئن، هتي نه ٿيپي ٿيپي ٿي ٿا ڪچري ڪارايو. وري هيڏ ڏار، سگن ڏار، ڏون ڏار.

ن - پائي بصرمل ڏون ڪوڙ ڪونه ٿو چوين. پر پوءِ اسان به ڪهڙي وَه وجون؟ رڳي پگهار مان نه پنگه پگڙو به نٿو ٿئي. ٻڌاريون نه اسان وٽ به ڪونه پريون رکيون آهن.

ب - ساءِ اهوڪو چوڻ سان آهي ڪئن؟ اوهان راجا ماڻهو اوهان کي بکه ڪهڙي؟

ن - (پاس داخل ڪري ڏئيس ٿو) هاڻ صحيح وجي وڏي منشيءَ کان وجهراءِ -

نعمتراءِ - [ڪاغذ وٺي] بصر ڪئن ايو آهين؟

بصر - ساءِ لوڻ آيو آهي، آئيس پاس ڪيائڻ.

نعمتراءِ - [صحيح وجهي] بلا لوڻ جا پنج سير اوطاق ٿي پهچائي ڏجانءِ.

بصر - حاجر ڪاوند.

نعمتراءِ - بائي پئسا گهڻا ٿيا؟

بصر - ساءِ ڪئٽر نه آهي. اهي پئسا وري اوهان جهڙن کان وٺون! هيترا پيا اوهان مان ڪم ڪيون! (هلندڙ)

BHARAT LIBRARY
Book No.
SAHIB MULSINGH

عملدار ڪين رعيت اڌارو

ڀاڱو ٻيو

پڙدو - (ڪاغذ وٺي ٻاهر اچي ٿو] ... ڏوٿو ...

ڏوٿو! منشي ڪين آهن چورون آهن! لوڻ جا پنج سير قيمت ڏه پئسا، سي به منشي ٿا ڇڏين!

(اُڌو مل تپيدار سان گڏ وڏيرو ڪريم بخش اندر اچي ٿو، ۽ ٻئي منشين سان خير عافيت ڪري، سگهو منشي جي پاسي کان وهي ٿو.)

ڪ- ڀوءِ آخوند صاحب! ڪٿي اسان جي تقاوي اچا آئي ڪين نه؟

ع- هائو اچي وئي.

ڪ- ته اسان کي اچڻي ڏيو.

ع- (ڪاغذ ٻاهر ڪڍي) روپيه ٻه سوا ٿو.

ڪ- ڇا چيو؟ سوئي ٻه؟

ع- ميان شڪر ڪريو جو اهي ٻه سو ٻه مليا اٿو. اسان ان لاءِ ڪي ٿورڙيون ڳالهيون ڏنيون آهن! مسين مسين ڪري ڊپٽيءَ صاحب منظوري ڏني آهي.

ڪ- انهيءَ تقاويءَ ڏيڻ جو خبر نه آهي ته سود ڪهڙو؟

ع- ميان شڪر ڪي ٿا اٺيون هڻو.

ڪ- ائين ساءِ. هل سرڪار کان اهي ٻه سو ٻه نه پڇن!

ع - [كاغذ ڏاهي تيار ڪري ٿو] منشي اُڌرمل
وڏيري کي سمجهائو اٿو نہ؟
اُڌو- ٺوهين چئا. رڳو ڪ گرتيار ڪري ڏيو.
حساب پوءِ ڏا ڪريون.

ع - (ڪاغذ تيار ڪري) ڏاڻ صحيح وجي
وڏي منشيءَ کان وٺو.
(ڪاگر کچي هيٺ منشيءَ وٽ رچن ٿا.)

نعمتراءِ - (صحيحون وجهي) وڏيرا پنجويهہ
روپيا اوان وٽ رسائيءَ جا رئيل آئين.

اُڌومل- ساءِ پهرين اوهي.
ڪ- ٢٥ روپيہ رسائيءَ وارا، ٢٠ روپيہ
ٽپيدار جو لاڳو، ١٠ روپيہ سگن جا، ٥ روپيہ خزانچيءَ
جا. (اُڌومل کان ڏو پڇي) اوهان مونکي ائين چيو
هو نہ؟

اُڌومل - هائو وڏيرا.
ڪ- يعني ٺڳاوي پہ سوَ، ٺڪون مان ملندا
دمت ۾ گهڙا؟

اُڌومل - وڏيرا سڀڪي ملندو، سڀڪي
ملندو. تعلق آفيس مان پيا ڪم ڏورا ٿا ڪيو؟
نعمتراءِ - (خزانچي کي) مرتومل پئرين
پنجويهہ لائي پوءِ ڏجو س.

موتو مل - حاضر قبلا.

(وڏيرو وڏي خزانچي ڏي ٿئي ٿو، جو ١٤٠ روپيه ڳڻي ڏئيس ٿو)

ڪ - (پئسا وٺي) سائين پيو به ڪي لاهڻو هجيئي ته رقم ڪري اٿيئي.

موسو (ٻه وڙهي ٿو اچي) وڏيرا اسان به ڪنهنجي در جا پيالي آهيون. اسان کي به ته ڪجهه ڏيار، مٺ ڪرسي ڪر.

(اُتو مل روپيه ڪڍي ٿو پٽيوالي کي ڏئي. وڏيرو باقي روپيه پگهه ۾ ٻڌي اُٿي ٿو هلي.)

نعمتراءِ - موسه سڏ ڪر ڏنه فريادي ۽ قاسوءَ جوابدار کي.

موسو - (ٻاهر ڀڄي پڪاري ٿو) ڏنه فريادي قاسو جوابدار حاضر آهن؟ ڏنه فريادي قاسو جوابدار حاضر آهن؟ (بلڪل ڏاڍي يان) ڏنه فريادي قاسو جوابدار حاضر آهن؟

(ڏنو ۽ قاسو ٻئي "حاضر حاضر" چوندا ٻروڙندا اچن ٿا.)

نعمتراءِ - اڙي قاسو تون وڏو بدمعاش آهين. توکي مان بنيه جيل ۾ موڪليندس.

قاسو - سرڪار مائي باپ آهي. انصاف ڪري.

نعمتراءِ - اڙي ڏنهه پر ڪاهون.
ڏنهه - لا الله الا الله محمد رسول الله.
نعمتراءِ - نالو؟
ڏنهه - ساءِ ڪوٺ لسکيل آهي.
نعمتراءِ - لسکيل جا پٽ، زبان سا چؤ.
ڏنهه - ساءِ ڏنهه.
نعمتراءِ - پڻي جو نالو؟
ڏنهه - ساءِ پڻهي جو نالو به درخواست ۾ لسکيل
اٿيئي.
نعمتراءِ - پڻي جا پٽ، چئو ماڻهءِ زبان سان چؤ.
ڏنهه - ساءِ اسحاق.
نعمتراءِ - ذات؟
ڏنهه - گبو.
نعمتراءِ - عمر؟
ڏنهه - ساءِ عمر ٿيندي ڪو جيتري. پر ڪنهنجي
ڏاڙهيءَ جا وار آهن ڪارا، جو ڏاڙهيءَ کي لاٿو اٿيئي
کيس، ۽ منهنجا آهن اڇا. پڻو اڦاوت ئي ڪونهي.
نعمتراءِ - موسا پٽ هان جٺ حي ڏاڙي.
جٺ ٢ ومن ودي ويڙ آئي. بدمعاش مونجي ڏاڙيءَ
جي ڪيري گل هئي.

(موسو اُٺي ڏڻ جي ڏاڙهيءَ ۾ هٿ وجهي ٿو ته ڏڻ پڇي ٿو وڃي)

نعمتراءِ- قاسو فريادي پڇي وير. اُني کي قاعدي موجب ڪارروائي ڪبي. پرتيپ ٽوکي به ڪاٺڻي پوندي. ڏوه تو کي ثابت آئي.

قاسو- جئين ساءِ. ماريندي به ٽون بچائيندي به ٽون.

نعمتراءِ- مڃاند به ڇڏي ڏنو مانءِ، پوءِ پڻي مچاڪون ڪيئن. هيڏر ٽوسان حساب چڪتو ڪبو.

قاسو- هي ڀيرو ڇڏ، پوءِ ٽنهنجي درجو گولو ٿيو پيو گذاريندس.

(نعمتراءِ الي نٿرمل کي ميچ ڏئي ٿو، اُهو قاسوءَ کي سمجهائي ٿو.)

نٿرمل- ميان صاحب آفيسرن مان ڪم انهيئنڱي ڪين ڪيدا آهن. هڱرجي سو ڏهون لڳائي ڇڏيمي نه وسوارو آهي نه ڪين آهي. ماڻهو ساڳا هي هلي.

قاسم- سائين اسان نه بيلي آهيون. جيڪا ڪار خذمت رکو سا ڪرڻ لاءِ ٽيار آهيون.

نٿرمل- ٽڏهن منهي وڏي جي جاءِ ٽي وڃي ڏاهه ڪري ڇڏ.

قاسو- ساءِ اها ڪا وڏي ڳالهه آهي ڇا؟

ٺڪرمل - (هيڊ منشيءَ کي) ساءِ هن ڀيري ٻه ڪٿي معاف ڪريو س.

نعمترايءِ - ٺڪرمنشي ٺڪرمل هن جٽ کي پروسوڳي ڪرني.

ٺڪرمل - ساءِ مان ٿو ضامن پوان وري سنڀالي هلندو.

نعمترايءِ - اڙي جٽ ٻڌين ٿو. منشي ٿو ڇڏائيئي. نه ته ڳڙي رکانءِ هان.

قاسو - ٻختاور اسان ٻه تنهنجو ڳڻ پيا ڳائيندا اسون. ڳڻ چور اسان ٻه ڪونه آهيون -

(آفيس بند ٿي ٿئي. سڀ منشي وڃن ٿا -)

پردو ٿيون

(گهٽي: ڀائي سامون مل ۽ هوندومل بيٺا آهن)

سامون مل - ڀائي هوندا مل! ڏسين ٿو منشي بنهه سکي ڀاڪي ڪنيون ويٺا آهن. چار ويهون روڪڙيون ڏنيون اٿئون، تڏهن مس مس منشيءَ ڪاٿو بدلائي ڏنو آهي.

هوندومل - اڃا اهي منشي اوهانکي گهڻو پيڙيندا.

سامون مل - سو ڪئن؟

هرندومل - سوهڻن جو اوهان ماڻهن ۾ ٽوم ڪانهي. هن ڪي منهن لڳي سڌي نه ٿا ٻڌايو! اُلٽو مٿي رپورٽ نٿا ڪريو!

سامون مل - ڀائي هوندا مل، لوڪي ني ھفيزرن جي سڌ ڪانهي، تڏهين پيو اهي نپٽيون ڳالهيون ڪرين. ڀائي وڏا هڪڙو ٻئي کان اُڪر اٿيئي - ڪير جو ڪنهن منشيءَ تي رپورٽ ڪري؟ پيا منشي الهو تلهو چٽ ڪري ڇڏينس.

هوندومل - اهو تنهنجو اجايو وهم آهي. مونکي پڪ آهي، جنهن وقت وڏا آفيسر گشت لڳي ٿا نڪرن، تنهن وقت اوهان رعيتي ماڻهون ساڻن وڃي حال اوريو، ته اوس هو اوها نجي اونائيندا ڪن.

سامون مل - (ڪاي) اڙي ڀائي اوندا مل ٽوڪا، معاف ڪجئين - هوندا مل؛ ڀيڙيائي انهن وڏن ھفيزرن ٻوڙي آهي! گشت ٿا ڪرڻ اچن، ڪين اسان غريبن لاءِ ڪور و ڪشت ڪنيو ٿا اچن؟ شل اوڏا هين منهن، هيڏا نهن پٽ هڄين. اچن ٿا ته اُلٽو نندڙن منشين جي تي ڏگهري لهي. گورا ڪاوڙجن ساڻن، هي ڪٽرون ڪين اسان مان.

هوندومل - ڀائي سامون مل پنهنجي آگريون ته برابر ڪين آهن؟ عملدار سڀئي نه هڪ جهڙا

ڪين هوندا؟

سامون مل- اڙي ڀائي ڀڄي ٿي ڪين. اتوءِ جي اکھ ٿي کڙي! ڪنھن ڪدائي ٿو ڪو ڏيول هٿيزز اچي، هون ۽ نہ تہ مڙيئي ملڪ مارو ۽ رعيت آجار.

هوندومل- ڀوءِ پلا اخبارن ۾ چون ٿا دانھن ڪوڪ ڪريو؟

سامون مل- ير- اخبارن وارا وري ڪھڙا آھن! گورن عملدارن کي تہ پاڻ ڏي ڪيو پيا ڏيکين. البت ڪڏھن ڪڏھن ديسي هٿيزرن کي اچي متبا آھن، پر سندن ٻڌي ڪير سڻي ڪير؟ اسان لاءِ تہ اداڻيل ڪون ڏو ٻري پاڻي ڏو ٻري. ڀائي هوندومل ڏو ٻڌي: هڪ لڳا ڪنھن ڏو ڀري معتبر صلاح ڏني تہ وڏي عرضي لکي نڊ مبئيءَ ۾ گورنر کي ڏياري موڪليو. ساءِ ڪرچ ڪري عرضي ڇپائي سين، سا مٿي عالي سرڪار وٽ پھتي؛ پر ڀائين ڏو ٽدارڪ ڪھڙو ٿيو؟ چي ڪمشنر صاحب جيڪو فيصلو ڪيو آھي تنھن ۾ دست اندا جي ڪا نہ ڪبي. ڀوءِ تہ اُٿلو اسان تي ٻري آئي. عملدارن جي اکين ۾ ٿي پياسين. جيڪو نٿون عملدار اچي ٿنھنڪي ٻريندڙ هي اسانجي برخلاف جھري چڙھين. چي ھي مغرور ماڻھو آھن. ڪوڙيون رپورٽون ڪندا آھن.

هوندو مل- ڀائي سامون مل تو تہ هي ڳالهيون پڙهائي منهنجو مٿو ئي ڦيرائي ڇڏيو آهي. پر اڃا ٻہ مان سمجهان ٿو ڏوھہ اوهان ماڻهن جو آهي.

سامون مل- سو تون ڀلي ائين سمجهہ. پر ڳالهہ هونءَ اٿيئي. ڇڱو ڀلا رام رام آءٌ تکڙو آهيان، وڃان ٿو.

(سامون مل وڃي ٿو مٿان بصر مل اچي ٿو.)

بصر- اڙي ڀائي هوندا ڏس تہ سهين منشي لوڻ ٻہ ٽِتا ڇڏين. ويس پاس ڪڍائڻ تہ نندي منشي تہ لواڄمو ورتو. پرهہ ٻہ منشيءَ وري چڪ وڌو تہ نوڪر هٿان پنج سير لوڻ ڏياري منجهانءِ.

هوندو مل- تو منهن تي صفا جواب نٿي ڏنس؟

بصر- سو جي مون کي پنهنجي عزت ڪوڙي هجي تہ آءٌ اهڙو جواب ڏيان! سرڪاري حفيظہ جبان مان هڪڙو حرف تہ وڏيک ڪيجي ڏس!

هوندو مل- ڀائي بصرمل، اهي ٻپ ٽا دلہ ڏاريو، تڏهين ٽا منشي اوهان کي ڏڀائين.

بصر- ڀائي صاحب ٻپ حق کي ٽا ڏاريون، ڇريا ڪونہ ٿيا آهيون!

هوندومل- ڀڙ ۽ خاربہ نہ ڪيو.

بصر- ڪارڻ ڪاڻون! پر پيا مهون پڇايون؟

هوندو مل - ٽڏهن؟

بصر- ٽڏهن؟ هوندا مل ڇئين چاٿو؟ پڻ نہ ڪانہ پيتي اٿيئي؟

هوندو مل - پاڳي بصر مل دل ۾ ڏپ ٻہ ڏاريندا، ۽ پوءِ بہ اميد رکندا تہ منشي اوهانکي عزت ڏين، ساڪا ٽيڙي آهي.

بصر- پاڳي ڏپ ڪڻن نہ ڏاريون؟ ڪيئن ٿا تہ آبرو ٿي ڪاڪ ٿئيئون.

بصر- وري بہ ساڳي ڳالهہ پيو ڪرين نہ؟

بصر- مگج ۾ پيا اٿيئي ڇيٺا، سو ڳالهہ کيال ۾ ڪي نٿي رهيئي.

هوندو مل - برابر. پيا هارڻ هل نہ هلور، ٽو سان ڳالهين ۾ بيهبو تہ سچ لهي ويندو.

(ٻئي وڃن ٿا. ميلهو مل ۽ نٿر مل اچن ٿا)

ميلهو مل - نٿر اڄ چانڊو چگو ماڙهو اٿيئي.

نٿر مل - پاڳي ٽون نٿو وٺين، پر ءِ اسان ڪيها ڪريون؟ هنڌر بہ آن ڪرين تہ هٿي ڪٽي ڏيان ء.

(ٻہ روپيہ ڪڍي آڇيس ٿو)

ميلهو- اهي روپيہ ٽوڪي هجن. آءٌ ٽڪ پر نہ هٽان. موڏنکي ڳرو ٻگهار ۾ ڪي برڪت وجهندو.

نہ ڪہ ٻہ ڀوري نہ پيٽي، ڪہ ڏنڊو ڏاري ڪہ آهي.

نٿرمل- شل ڀڳوان اهڙي مت ڏيئي. ڀرميسر ڪري ڪو جهڙا بيوقوف اسان وٽ پيا ٻہ ڪي هجن.

ميلهومل- ڪڏهن منشي نٿرمل ڪون سمجهيو ويٺو آهين ڪہ مان بيوقوف آهيان!

نٿرمل- نہ! نہ! ڪون ڏاڍو ڏاهو آهين. ٿوڪا ٿوڪا- مونکي زبان مان نڪري ويو.

ميلهومل- ڀائي ڀلي ائين چو. پر مان ٻہ ڪوکي چٽائي ٿو ڇڏيان، رعيت کي غير واجبي فائدا ڏياري سرڪار کي ڇيهو ٿا رسايو، ڪنهن مان پس پش اوهان ڪاء ڀلائي ڪانهي. پاپ جو گهڙو ڀرجي ڀرجي نيٺ ڦاٽندو.

نٿرمل- ير ڦاٽو ڪہ اسان ڪري ميٽ ٽئيندا سيلنس. ڀر ڪو جو ڇيو سرڪار کي ٿا ڇيهو رسايون، سو ڪهڙي حساب؟

ميلهومل- ماڻهن کي غير واجبي فائدا ڏياريندا ڪنهن مان سرڪار جي رقم تنگ ڪين ٿيندو؟

نٿرمل- وڃ ڙي مت جا ماريا! سمجهين ٻہ ايترو ٿو! اڙي ڀائي سرڪاري عملدار ڪهڙو ٻہ نہ ڪاڻو هوندو، ڪہ سرڪار جي ڀائي ڪاڻ. ميڙي ڪرڻ

ڏيندو. رعيت کي سو ڦريندو ۽ ڪاهيندو ۽ ٻيو واءِ
اُنس ٽڪو ڏورو ۽ رکندو ايندو. سرڪار کي ٽڪا
لهڻ ڪو لوڏو، نڪو ڄر نڪو جوڪو.

ميلهو مل - سو ڀلا ڪيئن؟

ٺٺرمل - سو جو هيئن! هن جهڙي جوڳي مثال وٽ. اسان پنهنجي منجهائنس رقم ٽاڙي ورتي، سرڪار کي ڪهڙو ڇيهو پهچايو سين؟ ويچاري سڏانپ جا پيسا ڪونه ڀريا؟ سمن ڏڻهيل ڪراڙي جا ڏوڪر ڪونه ڏناءِ؟ ڪهڙي ساڻس مروت ڪئي سون، جو سرڪار جي رقم ٻڌي؟ وري هو پائي، ٻاس ڪيڏائڻ آيو. سرڪاري نول پاڻ ته ڇڏي ڏنو سيڙنس؟ سو متان ڪڏهن اهو خيال ڪيو اٿيئي ته اسان سرڪار کي ڏا پاسو ڏيون. ادا اسان رعيت آزار بشڪ آهيون، ليڪن نمڪ حرام نه آهيون.

ميلهو مل - ڀوءِ رعيت ويچاريءَ کي ٻه ڇو ٿا آزاريو؟ جنڪان پيڙي ٿا پيسا وٺو، تن جي اندر مان آهه ڪا نه نڪرندي هوندي؟

ٺٺرمل - وري اچي گيان جي گهٽنا ڳن ۾ پئين ڪ؟ انهي ڳالهه ڪان لاءِ وڃ. ڇڱو ڀلا هڻ هل ته هلون. دڙڪ ٿي ويئي آهي.

(پئي وڃن ٿا)

پردو چوٿون

(شهر جو ڏُن: بازار پيري پيئي آهي. ماڻهو اچن وڃن. پاسيرو ليلو نارو ۽ چبل گڏجي چوڙ بيٺا آهن.)

ليلو: نارو ڪٿي؟ ڪرشڪار لڳو پيو نه؟

ليلو: نڪ دادا! اُپاسيون ڏيئي هٿين خالي موٽيو ٿو اچان

ليلو: چبل! تون خبر ڪر!

چبل: ادا جت هڪڙي جي ڳـنڍ ڪتريم سهين پر پنئون خالي نڪري پيو.

(پريان ڪريم بخش ۽ الله ڏنو، ڳالهيون ڪندا پيا اچن.)

ليلو: اچو ته لڪي بيهي ٻڌون ته هي ڇا ڪـڙي ون ٿا پاڻ ۾ ڳالهيون ڪن. من ڪو چانـدو پاڙي نڪري.

(لڪي بهن ٿا)

ڪريم بخش: ادا تعلقه حفيظ ۾ ته هاڻي هاڻ لـڳي پيئي آهي. ٻه سو روپيه تقاوي جڙي، اُن مان ٢٠ ڪنيا تپيدار، ٢٥ ڪنيا هيڊ، ١٠ ڪنيا سگن ٥ ڪنيا او منشي جنهنڪي پيڇري ۾ ڏنـا وهارين ۾ روپيه ڪلدار پنيوالي، باقي سو ۾ هڪ گهٽ چاليهه

پڙڪي جي ڪنڊ ۾ پڙيو ڪنهو ٽا وڃون.

الله ڏنو: بس ادا! منشي نه سڪي پاڪي ڪنيو ويٺا آهن. خدا آهي جو خير ڪري.

ڪريم بخش: ادا ورِي پيا گڏ ٿا سين. هاڻ خدا حافظ.

(ٻئي وڃن ٿا)

ليلو: (ٻاهر پيروٽي) هاڻ ڪهڙي صلاح؟

چيبل: تون چؤ.

ليلو: مونکي هڪڙي رٿ سجهي ٿي.

چيبل ۽ نارو: ڪهڙي! چئو چئو.

ليلو: نارو تون ڇا ڪرجو گيگـــ ملائي وچ رستي تي پڙجي رهه ۽ سڏ ڪا ڀڄي ٻيو چوا لاڙي کهوڙا ڙي ڏ اڀو ڏڪ لـڳو اٿم. سور ۾ ٿو مران. پوءِ هي نه ميان اچي لانگها ئو ٿئي ٿنهنکي تون چيبل وچي منت آزي ڪرڻ خدا ٿنهنجو ڀلو ڪري هن ٻارڪي هنج ڪٽي گهر ڪا ٿين ته پهچائي ڏين. اميد آهي ته نا ڪارڪانه ڪندو، پوءِ ڇا ٿين ٿو پڙڪي ۾ رڳو هٽ وڃڻ جي ويرم آهي.

(نارو رستي تي پڳجي ٿو رهي. پرسانس چيبل بيٺو آهي. الي ڪريم بخش اچي نڪري ٿو.)

نارو: (وڏيري کي ڏسي وڏا سڏ ڪا ٿو پيري)

الاڙي گهوڙا ڙي. هزان ٽو، ساه ٽو وڃيم. کو آهي.

چبل : (وڏيري کي) ميان خدا ڪندو ٽنهن جو ڀلو. هن ٻالڪ کي هنيج ڪٿي گهرڻا ء ڪه ٻهچا ئي ڏين .

ڪريم بخش : گهر ڪٿي آهيس ؟

چبل : ميان هلان پير ئي ٻه . خدا ٽنهنجو ڀلو ڪندو، هن کي ڪٿي هل. ڏس ڀا ڏائي ڪٿن ٽو!

ڪريم بخش : ٻچا ٽون چٽو آهين. آءُ ڪنهو ٽو هلا س . پر اجهو پري ٽاء آءُ ڪو نه هلندو ماڻو.

چبل : ميان اجهو وکون ئي ٻه آهن. ديرئي ڪا نه لڳندي.

(ڪريم بخش ڏينگر کي پٺي ڀاڏو ڪٿي ڏو هلي ڏينگر آهستي آهستي پٺڪي ۽ هٽ وڃي هڙ ڙي کسڪائي ٽو وٺي . وڏيري کي خبرئي ڪا نه ٽي پوي .)

بازار جو وچ . منشي چندراه هڪڙي ڀاسي ڪان ٽو اچي ڪمون واڪيو ڀکي ڪان .)

ڪمو: منشي صاحب چاء جلدي ڪالي ڪريو.

چندراه : واڪيا خبر له الايگر .

ڪمو: ساء! اسا نکي ڀنهنجي واسطي ڪپي.

(پٺيان هڪڙو مسلمان ڪنڍو ڏيندو اچي)

چندراءِ: اشرافت ۾ ته ٻن مهينن کان پوءِ خالي ڪري ڏيندو ساءِ. نه ته ڇهه مهينا ٻيا به رهائيندو ساءِ.

(مسلمان ٺهڪ ٺوڏي)

چندراءِ: اڙي جٽ ڪاٿي چڙو؟

مسلمان: جيئن ساءِ ڪابير هن ڏان. اسان جٽ ئي هئن وٽين کي ٻارهن ٻارهن مهينا رهائيندا آهيون ته منشي ۽ جٽ جي وچ ۾ تفاوت ڪهڙو ٿيو!

(سڀ کلندا وڃن ٿا؟)

(منشين جي اوطاق. هڪڙو وڏو چلم ڇڪي، پيو کٽ تي ليٽيو پيو آهي) ٺاڪرمل اچي ٿو.)

ٺاڪرمل. (کٽ تي ويهي) کوڙن مل خوش آهيو. اڃا تپ ٺڪو ڇڏيو ڪئن؟

(نوڪرکي) اڙي گلو گلاس ته صفا ڪري ٻا ٿلي جيڪا ڏرڙ وڏي اٽيئي سا به کڻيو اچ.

قلو. حاضر ساءِ.

کوڙن مل: (هوريان) تپ اچي گهوڙي وانگي، وڃي جوءِ وانگيان. سچي ڏينهن ۾ ڪوڪيون ڪاڍيون اٿم ڀه.

هاسه مل: (نوڪرڪي) ڦلو ٻڌي ٻه، ڪنيو اچ تہ ڪنڌ و لاهيون.

ڦلو: (ٻاتلي ۽ گلاس آڻي نثرمل کي ڏئي ٿو ۽ ٻڌي ڪرلي منشي هاسه مل جي اڳيان ويهي ٿو)

هاسه مل: ابا چوَ ڪنڌ و.

ڦلو: اڻ آنه گيهه جو خلاصو ڪنهنجي واسطي آندءِ.

ڦلو: سائين ديوان ڪوڙڻ مل چيو ٻه ڪوڪيون پڇائي ڏينم، ڏنهنجي لاءِ آندم.

هاسه مل: اڻ آنو گيهه، جو ٻن ڪوڪين لاءِ!

ڪوڙڻ مل: ڪاڪا اڻ آنو گيهه جو ٻن ڪوڪين لاءِ گهڻو آهي ڪئن؟

هاسه مل: (وڦلي) هائو هائو! اڻ آنو گيهه جو ٻن ڪوڪين منجهه، گهر ۾ ٻه ما ڻهوءَ وڃهي ڪائيندا آهن!

ڪوڙڻ مل: (ڪت ڪي اٿي ويهي نوڪر ڏي منهن ڪري) بدمعاش، ڪتا، سوئر اڻ آنو گيهه جو ڪيا يو اٿيئي ٻن ڪوڪين ڪي. ڪاڪي اچا هنئر پٽهجي شادي ڪئي تہ سڀني جليبن ڪي مس اڻ آنو گيهه جو سڄي شادي ڪي لڳو.

هاسه مل: (اڪاول) ها ها اڻ آنو گيهه، جو

سڄي شادي لاءِ لڳو نوڏيهن شهر گهرايم مانيون
کيم. برابر اٺ آنو گيهه لڳو!

نئرمل: پير مرد ٿيو، هرو ڀرو ڳالهه کي وڌائيندو.

هاسه مل: بس مان اهڙن ماڻهن کي پاڙوٽ نه رهائيندس.

نئرمل: ڪاڪا ڳالهه ڳالهه سان چڙندي. هرو ڀرو ڪرار چو ٿا ڪريو. ڳوٺ جا واڌا ٻڌندا، ڪهڙو اُتن اثر ٿيندو؟ راڄ ٿي وڃي. ڪوڏر مل اٿي ڪاڪي کان بخشاءِ. نيت بد وڌو آهي.

(ڪوڏر مل اُٿي - پيرن پويس ٿو.)

(رستو: پيو ماڙهو چيٽون ڪو نه ٿو ڏسجي. ڪريم بخش نــاري کي ٻنهي ڀـاڙ وڪندو پيو اچي)

ڪريم بخش: نيڪر هاڻ لاهه. آءٌ به ٿڪو آهيان. اچا لنهڻ جو گهر ڪٿي آهي؟

نارو: بس، اچي پهتا آهيون. هاڻ مونکي هتيئي لاهه ته آءٌ پاڻيهي گهر هليو وڃان.

(ڪريم بخش لاهيس ٿو، هي منهن ڪاڏهينڊو هليو ٿو وڃي)

ڪريم بخش: (دل ۾) پلا ١٣٩ روپيه سي ويهڙن گهڙيون ٿيون؟ پلا گهڙيون ٿيون؟ سو ڏوکي

ٿو چوان ته گهڙيون ٿين ؟ ڀلا سو ۾ ويهون گهڙيون؟
هاڻ روپيه کڻي ٿو ويهون گهڙي رکان. پوءِ خبر
پئجي ويندي. (پٽڪي کي هٿن سان مٿا ڙي ٿو،
پر پئجسا هيٺ نه هٿ لڳنس.) مار مانجها، چوري
غضب ڪري ڇڏيو. اکين ۾ سرمون پائي ويو.
هاڻ وڃي پوليس ۾ فرياد ڏيان. (وڃي ٿو.)

(ٿي مسلمان پيرين مان اچن ٿا.)

دائـــرد: هاڻ رکو اٿي بدون ته پنڌيون
ڪريون.

خدو: رکو (پيري لاهي پٺ تي رکي ٿو. پيدا
به ائين ڪن ٿا.)

ڪرڙ: هاڻ پيريون اڳيان رکي چانديرڪ خبر
پوي.

دائود: ڪرڙ تڪي ٿا ڏيون ٣ آنا، خـــدو
توکي به ٣ آنا ۽ آنا اٺ آءٌ توکڻ ن.

ڪرڙ: چوڏون ٿو ٽڙين ٨ آنا، ۽ اسانکي ٿو
ڏئين چارچار انا؟ آءٌ توکان گهٽ ڇا ۾ آهيان.

دائود: (ڪلي) تڏهين تون به ڏادا مڙس
هين.

ڪوڙ: اس وچ ڏادا مڙس دي ڳالهه ڪهان؟
حصه هرسين نه پورا هرسين.

(ٿالي عنبرءِ خميسو اچن ٿا)

BHARAT LIBRARY
Book No B-4
SAHIB MULSINGH

عملدار ڪين رعيت ڦرندا؟

عنبر: ميان دائود سلام!

دائود: ادا مونکي ڪٿي ڏٺو اٿيئي؟

عنبر: يار وسري ٿو وڃيئي. سنٽرل زيل ۾ ڪين گڏ چڪي پيهندي هئي سون. ميان خميسا! دائود اهو آهي، جنهن ماڻهو يڪي سر چڪي پيهندي هئي، ۽ اسان کي به جيل ۾ مدد ڪئي هئي.

دائود: ادا عنبر ڪٿان؟ ڪرڙ پيا آهيو ڪون ڏاڍا ماڻهو ڪماوندا آهي. هڪ دفعو ڪاڏي آهيس زيل سي به مهڻي واري ڪڇي زيل ۾، مون سينٽرل زيل ڏٺيا، شڪارپور وارا زيل ڏٺيا، نارٿ وارا ڪراچي وارا ته به مين ڪون ڪو ڏاڍا ماڻهو نه پيا ڪٿندا هين. هت هي ٿيا ڏاڍا ماڻهو.

(اتي بندوق جو کڙڪو ٿئي ٿو. اوچتو سپاهي اچي ٿا نڪرن. سڀني کي گرفتار ٿا ڪن.)

صوبيدار: واڻيا مال سڀ ٺيڪ ٿو؟

واڻيو: جي سائين مال اهو آهي.

عنبر: صوبيدار صاحب، ڀالهه ته پتو. آءُ چور نه آهيان هي ته مونکي وات پنڌ ۾ گڏ جي ويا آهن.

صوبيدار: (سڏڻ پٺڪو لاهي) هل جور جور جا پٽ! هاڻ وڏيڪ ٻڙ ٻڙ نه ڪر، نه ته چار جوان ايتريون رڪندو سان ۽ جو ياد ڪندو وتندين. اڙي سپاهي هنن سيٺ کي ٿاڻي ڏي وٺيو هل.

پردو ستون

(پوليس آفيس. پوليس منشي پوڪرداس گادي ۽ تي ويٺو آهي ۽ لکي پيو. مٿان هڪ ٻار اچي ٿو.)

ڏنگو: بابا. امان چيو ته سڪول مان موٽين ته پٺهي کان آفيس مان ٻگهار وٺيو اچ.

پوڪرداس: پٽ ڪن ترس. صوبيدار صاحب اچي ته صاحب کي وٺي ٻگهار ڏيانء.

(صوبيدار اچي ڪرسيء تي وهي ٿو.)

پ: ساء ٻگهار وٺندا؟

ص: هائو، ڀريئن ٻگهار.

پ: (٥٧ روپيه ڳڻي) ڏنگا خان صاحب کي وٺي ڏي.

(ڏنگو ٻگهار وٺي صوبيدار کي ڏئيتو)

پ: (١٤ روپيه ڳڻي ڏنگي کي ڏئي ٿو) وٺ ميء وڃ گهر ڏي.

ڏ: بابا صوبيدار کي ٥٧ روپيه ٻگهار، اوها فکي رڳي ١٤ روپيه؟

پ: هائو هائو هائو. هاڻ روپيه سنڀالي کڻي وڃج. ڪيسي ۾ ڪري وجهه.

ڊ: بابا ڪيسي ۾ وڌا اٿم. پر بابا صوبيدار کي هيڏو پگهار تو مليو سو ته رگو جلوئي جلوو ڪائيندو هوندو!

(صوبيدار ۽ پوڪرداس هٽي ڪلڻ ٿا.)

پ: بس ڪر هاڻ چوڪرا. جريو نه ڪو جو ڀئي. وڃ وڃ. (ڊنگو وڃي ٿو.)

صوبيدار: اڙي ڪو آهي؟

(هڪڙو نائڪ اچي ٿو.)

ص: بابا جمالپور کان جيڪي چار واڻيا پڪڙجي آيا آهن، تنکي اندر وٺي اچ. (پوڪرداس کي) پوڪرداس هاڻ همت ڪج.

پ: ساءِ چڱا آهيو.

(نائڪ جڻن هندو چوڪرن کي اندر آڻي ٿو.)

ص: اڙي چوڪرا سچي ڪريو ڳالهه ڪئن آهي؟

هڪڙو: ساءِ اسان پاڻ ۾ اندر برابر هواسين. پر اسان پاڻ ۾ راند پئي رهي.

ص: واڻيا واڻئي جا پٽ وڏي معتبر جو پٽ تي آيو آهين. ڊيڀئي وٽ رجوع ڪري، ست ست سال تيسي ڏياري چڏ يندو سانو.

پ: (واهراڻ ڪاوڙجي) صوبيدار صاحب!

اسانجي واطين کي ائين ڏمڪاءِ نہ نہ تہ ڳالھ نہ نھندي.

ص: تون جپ ڪر. دست اندازي ڪندين تہ پاڻ مارائيندين.

پ: (گادي تان اُٿي ۽ ڏيکاري جڻ تہ ڏاڍي ڀاءِ واڪي ويئي اٿس) آءٌ جوان ۽ تو ٻيان صاحب زبان ٻنھنجي بند رکہ نہ تہ آءٌ ڪماني صاحب کي رپورٽ ڪندس تہ تو قيدين کي ڏمڪائي ڪائڻ قبوليت ٿي ورتي.

(جوڪرن کي) بابا اوھان اڄي سنھنجي پرسان وھو. ڏسان ڪئن ٿو ھي مساو اوھانکي ڊيبٽيءَ وٽ رجوع ڪري. پاڻ ۽ تہ سرڪار ڪيڏانھن جت ٿي ويئي آھي.

ڪڙو: (ھين کي) ڀائي ڏسو تہ اسانجو ھندو ڀاءُ ڪئن ٿو مسلمان سان اسانجي ڳالھ تان لڙي.

ص: منشي پوڪرداس، چڱو ياد رکج. آءٌ ھنئڙئي تو وجي وڏي صاحب کي رپورٽ ڪريان تہ تو قيدين کي پناہ ڏني آھي.

پ: جيڏانھن ڪاھڻي ھجيئي، تيڏانھن وڃي ڪاھہ ماڻ بہ تہ ڏسان کھڙو اُھو جائو آھي جو اسانجي واطين جو نانءُ ٿو وٺي.

(صوبيدار اُٿي ٿو وڃي. منشي پوڪرداس نڙي جوڪرن کي ٿو چوي.)

پ : بابا پٽ هرو ڀرو ست سال اوهان جيل ۾ جو وڃو؟ ڏهه ڏينهن اڳيئي بنا درياءَ فت جيل ۾ ڪاٽيا اٿو. مي جت ائين پيو سمجهي ته اسان هندو مري ويا آهيون. اوهان ڪا چوري ڪا نه ڪئي آهي. هنئه مان مختيارڪار صاحب وٽ موڪليا نوٿو. صوبيدار ڏمربو پر حرڪت نه آهي - اوهان هندو پائر آهيو. پل اوهانجو پلو ٿئي. انهي صدقي نوڪري ويئي ته موچڙي تان هنئي.

جوڪرا : واهه ڙي ديوان صاحب واهه! شل گورو توکي اجان وڏو ٿهڊو بشڪ ڪندو.

پ : هاڻ مي ڳالهه ٻڌي ڇڏيو. مختيارڪار نه اوهانکي اندر گهرائي ته اوهان پريدو پئي جڄجوس خاوند ڏوه اسانکي قبول آهي. اسان روز انهي پاندي مان ڪاڄور چورائي برابر ڪائيندا هواسون. پر اسان ٻالڪ آهيون، اسانکي معافي ملي. پڇيو ته ڪنهن پوليس واري اوهانکي سيکاريو آهي ڪئن؟ جڄجوس نه! ٻچاؤ جو شاهد گهريو ته بر ڪنهنجو نالو نه ڏجوس! پوءِ پل صوبيدار وينو پگرا پچي -

(اتي صوبيدار وري اچي ٿو)

ص : پوڪرداس آءٌ وري به چوانءِ ٿو ته هنن جوڪرن کي ڊيپٽي صاحب وٽ رجوع ڪر.

پ : (ڀاهران ڪاوڙجي) سو ڪو قاعدو ئي تون

جا ڪي ڪٿن؟ هي مدهدا جا هدو ٻائر آهن، آءٌ هنڪي مختيارڪار صاحب وٽ موڪليندس. تون پيو حڪم مار!

ص: پوڪرداس جوان؛ تو مدهدا جي سا مهون نہ ڳالهہ ڪجي، نہ تہ خوبي نہ رهندي!

اچ. ب: سو اهو هين ڪي ڏمڪائي ڏنو هوندءِ! تون ٻائين تو هنن هندن ڪي هيسائي ويندس. سو اهو خيال دل تان لاهي ڇڏ. ٻابا اسان بہ ڏاڙهي اس ۾ ڪانہ ڪيدي آهي!

ص. جڳو، ٻاطيهي توڪي مزو ڏيکاربو. تون پيل حڪم جي بجاوري نہ بہ ڪر. (وڃي ٿو.)

ب: هل هل. (سپاهي ڪي) ٻابا تون هنن ٻارڙن ڪي وٺي مختيارڪار صاحب وٽ وڃ، پوءِ ڏسان تہ صوبيدار ڪاڇا ٿو ڪري!

(سپاهي ڇوڪرن ڪي ٻاڻ سان وٺي وڃي ٿو. صوبيدار وري اچي ٿو. هٿي هٿ هٿ ۾ ڏين ٿا.)

صوبيدار: شاباس! پر پوڪرداس هيءُ حرفت ڪيئن هلائيءِ؟

ب: مڙيائي اوهان جي مهرباني آهي!

(مٿان وڏيرو ڪريم بخش داتهن ڪٽي ٿو اچي ساڻس اُتومل بہ آهي.)

ڪريم: سائين منهنجو فرياد آهي. ڪالهه منهنجي پٽڪي مان گهڻيءَ ڪٿرجي ويٺي آهي.

پ: صوبيدار صاحب ڏسو ته سهين فرياد ڪرڻ قسمن جا پيا اچن.

ص: زباني ولي ڏسينس ته جا ٿو جوي.

پ: اڙي جت ڳالهه ڪر.

ڪريم: سائين ٻه سو رپيا تي تقاوي. تنهنمان ٢٥ ڪنيا هيد، ٢٠ تپيدار، ١٠ سڳن، ٥ او منشي جو پڄري ۾ ٿو وهي، روپيه پٽيوال. باقي روپيه تپيدار جيا تہ ٿيا ١٣٩. سي ڪٺي پٽڪي ۾ پدم. پوءِ اچان جي بزار جي پامران ته نينگر بينا آهن. هڪ پي رنو، ٻئي اچي مونکي منت ڪئي ته منکي ڪٺي گهر پهتو ڪر، سو رم ٿو مري. مون کي قياس پيو. آءٌ پنهنجي پاڏو ڪٺي هليو سانس. (رستي جي در وت جيائنيم ته لاهيم گهر پرسان اٿم. لاٿو مانس ته منڊ ڪائيند و اٿي هليو. پنهان ڏري ڪانپوءِ روپيه جاچيم ته ليڻئي نه. نينگر جي پنيان گهڻيئي ڊوڙون پاتيم پر ڪونه مليو. هاڻ منهنجو فرياد آهي.

پ- ڪو شاهد اٿيئي؟

ڪريم: سائين تپيدار کي ساڻ انهي لاءِ ونيو آيو آهيان.

پ: منشي اُتو مل ڪٿي، جيڪي هي جت جوي

تو سو برابر صحيح آهي ؟

أتومل: منشي پوڪرداس آفيس مان اسان ٢٠٠ روپيا تہ ڏنس. پوءِ الاجي خواب تو لهي يا ڪئن ؟

صوبيدار: اڙي ڪو آهي.

(سپاهي اچي ٿو.)

صوبيدار: هن جت جو پتڪو لاهي، ہ ٿڦرهڻي گوٽ ڪان ٻاهر ڇڏي أماڻي ڇڏ ينس -

(سپاهي ڪريم بخش سان اها جت ڪري ٿو-) هو ويچارو أٿي ڀڄي ٿو.)

صوبيدار: منشي پوڪرداس نوٽ ڪري ڇڏيو تہ هي جت رات جو ٻہ سو روپيہ ڪٽي جڪلي ۾ ويو آهي؛ أتي سموري رقم ناچ ۽ ٻئي عيش عشرت تي أڏائي اٿس؛ صبوح جو جڏهن هٿ پالهي ڏني اٿس تڏهن ڍونگ ڪري ڪوڙي رپورٽ ڪٽي آيو آهي.

(پوڪرداس لکي تو رهي تہ صوبيدار أنهي تي صحيح وجهي تو ڇڏي.)

صوبيدار: (سپاهيءَ کي) اڙي سڏ واڻيءَ کي اندر. گهنڙيون ہ ڪڍايو اچ!

(سپاهيءَ وڃي واڻيءَ کي گهنڙين سوڌو وٺي تو اچي)

صوبيدار: اڙي ڪول گهنڙيون. (سپاهي کولي ٿو.)

واڻيا! هي سڀ مال تنهنجو آهي؟

واڻيو: جيئين ساءِ منهنجو آهي.

صوبيدار: هي ڪپڙا سي واه جا آهن!

واڻيو: ساءِ ملڪ اوها ڻجي آهي. ڪري ڪاٽو.

صوبيدار: (سپاهيءَ کي وڳا ڏيئي) اڙي ڪٽي ڍيري تي چڙهي اچ.

واڻيو! ساءِ ٻي ٻه ڪار ڪاڄمت؟

صوبيدار: بس!

واڻيو: تڏهن ساءِ مونکي رشڪت آهي، مان مال ڪٽايو وڃان؟

صوبيدار: بلاشڪ!

(واڻيو تيز ٻڌي ڪاڄهه ٻاڙ ڪاڄهه ماٺهوءَ هٿون ڪٽائي تو وڃي)

صوبيدار: اڙي ڪو آهي؟

سپاهي: حضور!

صوبيدار: ونجي اچ دائود ڪرژ حميسيءَ عنبر کي - (سپاهي اندر وني اچين تو.) منشي جلان تيار آهي؟

پوڪرداس: هائو ساءِ.

صوبيدار، ديڏا نهن ڪريو. (سپاهي کي جلان ڏيئي) اڙي هنن کي وني هل رئيس صاحب وٽ.

(سپاهي وڃي تو- ٻيا ٻه اُتن ٿا.

پردو ائون

(تعلقہ آفيس. مختيارڪار جو ڪمرو. پٽيوالو در تي بيٺو آهي. منشي مراد خان گاديءَ تي ويٺو لکي. رئيس اچي ٿو ته هي اُٿي سلام ٿو ڪريس. مختيارڪار گھٽو آهي.)

مختيارڪار: (ڪرسيءَ تي ويهي) پٽيوالا پڪار عرضدار.

پٽيوالو:- عرضدار! عرضدار!! عرضدار!!!

(ماڻھو گھڻا جيترا درخواستون هٿ ۾ ڏينس ٿا جي هو مختيارڪار جي ميز تي رکي ٿو)

مختيارڪار: (درخواستون ڪٺي نظر مان ڪڍي) اڙي سڏ ڪر هيروءَ نهال کي.

پٽيوالو: هيروءَ نهال حاضر آهن، هيروءَ نهال حاضر آهن، هيروءَ نهال حاضر آهن.

(ٻئي اچي حاضر ٿين ٿا)

مختيارڪار: اڙي اوهين ٻئي ئهي ويو؟

هيروءَ نهال: جي قبلا!

مختيارڪار: جھگڙو وجو. (پٽيوالي کي) اڙي سڏ ڪر ڪمال کي.

پٽيوالو: ڪمال فريادي حاضر آهي؟ ڪمال فريادي حاضر آهي؟ ڪمال فريادي حاضر آهي؟

[ڪمال ڊوڙندو اچي ٿو]

مختيارڪار: اڙي تون ڇا ٿو چوين ؟ تنهنجي زال لڪائي ويئي آهي ؟

ڪمال: ها ئو سائين !

مختيارڪار: ته وڃي پوليس ۾ فرياد ڪر، ڪين هتي ڀڄندو آيو آهين .

ڪمال: سائين پوليس ۾ ويو هوس، پر اتي ته هڪڙي گار ٿا لاهين ته ٻي ٿا چاڙهين .

مختيارڪار: گار جا ٻچ . جيو مان ۾ ڪين ته اتي وڃي فرياد ڪر . منشي مراد خان هنکي درخواست تي نوٽ ڪري ڏيو .

[مراد خان نوٽ پيو ڪري ته پيا منشي ڪاغذ ڪڍي مختيارڪار وٽ اچن ٿا جي هو هڪ ڪري صحيح ٿو ڪري .]

مختيارڪار: [واندو ٿي] اڙي سڏي اچ قيدين کي .

[پٽيوالو وڃي جڻن هندو چورڪرن کي وٺي ٿو اچي، جي اندر گهرنديئي جا نا پيا پيرين ۾ چون پيا .]

چورڪر: سائين گناه بخش ڪري . اسان برابر ڪجهه چورائي ڪاڍي .

مختيارڪار: (کلي) اڙي چوڙا ا پوليس واري

تہ اوھانکي کين سيکاريو آھي !

جوکر: جئين ساءِ نہ !

مختيارڪار: [پٽيوالي کي] اڙي ھنن جي بت تان ڪپڙا لاھ.

(پٽيوالو سندن پنا اُگھاڙا ٿو ڪري)

مختيارڪار: اڙي پوليس وارن ڪا اوھانکي مار تہ ڪان ڪئي ؟

جوکر: ساءِ مار ڇا جي ؟

مختيارڪار: ڪو ٻچا ڙ جو شاھد ڏيٺو اٿو ؟

جوکر: ساءِ نہ !

مختيارڪار: منشي مراد خان ! ھاڻ ھنن تي چار ھزار ٻہ سو قلم لڳايان يا چار ھزار ٻہ پنجسو قلم لڳايان ؟

مراد خان: ساءِ ايڏو قلم لڳائيندن تہ مري ويندا !

مختيارڪار: تڏھن وجي ڪا پوري سوري ڪر.

مراد خان: (جوکرن کي ڪنڌ پاسيرو ڪري) اڙي ٻائي صاحبو اوھانجا ڪي مائٽ آھن ؟

جوکر: ساءِ اوجھي ٻيئا آھن.

مراد خان: (انھنکي سڏي) اڙي ٻائي ڪي پرندا ڪين ھن وقت ٻہ پنجسي کي پيا ڳنڍيون ڏيندو ؟ رئيس صاحب آھي تہ مڙڻ جھڙو ڪين ؛ تہ ٻہ منٽ ميڙ ڪبيس تہ سمجھي ويندو. نہ تہ تہ اھڙو گھڙي رکندن

جو ٻيا سيکيندا.

واڍيا: سائين ڏيون ٻه، ٻڌايو ڪيترو ڏيون؟

مراد خان: پنجسو هزار جيڪي ڏجيو.

واڍيو: اسانوٽ ته ٻه ويهون آهن. باقي سو هزار ته اسان اکين ٻه ڪون ڏٺا آهن.

مراد خان: واڍيا ڏاڍا پڪا آهيو! ڀلا ڪيڏو پنج ويهون ته قصو نبيرائي ڇڏيان.

واڍيا: سائين پنج ويهون ٻه ڪٿان آڻيون؟ ڪنهن کي وجهي ڪات هٿون ڪڍُن؟ تي وٺ.

مراد خان: تڏهن ڀلا ڏه. ڏهن کان هڪ ڪسيرو ٻه گهٽ نه.

واڍيا: وٺ ڀلا سا ڏيون ٿي. هاڻ جند ڇڏ.

مراد خان: بس ڏهن کان پائي ٻه نه گهٽ.

واڍيا: ميان ڏاهو ٿيءُ. الله ڪارڻ اسانجو ڏوه ڪري بخش.

مراد خان: جيو مانو ڪين ته هنئر فرق پوندو ئي ڪين.

واڍيا: (هٿي کي) ڏي پائي ڀلا خانصاحب کي پنجٽي ويهون. هرو ڀرو هيو گسو ڪري.

(ڏينس ٽا هو نٿو وڃي)

مراد خان: ڪڙو ڀرو ڪون ٻڌو. ڏه ويهون

کيڏي ٻاهر ڪريو. نه ته ست سَت سال ڪارر پاڻي ٿيو رکيو آتو!

(واڻيا لاچار ٢٠٠ سو روپيه ڪيڏي ڏيئس تا جي هو وٺي اندر وجيٿو.)

مراد خان: ساءِ هي ويچارا ٻالڪ آهن، ڪري نِنڊي ۾ ننڊ و قلم لڳايون. وڏو لڳندن ته مري ويندا.

مختيارڪار: منشي ڏوه اُتن ثابت آهي. ٻاڻ ۾ قبولدار آهن.

مراد خان: تڏهن ٻه ساءِ اوهان جي هٿ وس آهي ڪٽي قلم کي هٿن ورائجو.

مختيارڪار: اڙي واڻيا ٻڌو تا. منشي مراد خان کي دعا ڪريو جنهن اوهانکي بچايو آهي. نه ته سزا گيري جا لائق آهيو، پرهاڻ اپ ڪ جو فقط ٣٧٩ قلم لڳائي هر هڪ کي ڇهه ڇهه مهنابهاور رهڻي تيب تي ڏجي.

جوڪر: (روئي) اڙي ساءِ اسان کي ته پوليس واري منشيءَ سيڪاري جڏيو ته هٿن جڻجو ته جيٺي ويندو. اسان سان نسوڙو جلم تو ٿئي.

مختيارڪار: اڙي پٽيوالا ڪيڏي ڪرهڻنکي ٻاهر. وجي ٻهري هيٺ وهارين.

(پٽيوالو جوڪرن کي وٺي تو وڃي. مختيارڪار کي هڪ اهڙ صاحب ڪري لوءِ مٿان دوبدار تو اچي.)

صوبيدار: خانصاحب واڻئي واري چوري سڀئي سگهي سوڌي لڌي .

مختيارڪار: پوءِ جوابدار ڇا ٿا چون ؟

صوبيدار: سائين هو جيڪو ڏاڙو قيدي آهي جنهن اڳي ٻه ڪيئين لڳا سيڪشن ڪاڏي آهي، تنهنکي ڪري سرڪاري شاهد بنايو اٿئون. هاڻي هٿ وس اوهانجي آهي. جيڪا ڪارروائي ڪريو.

مختيارڪار: ڀلا وٺي اچون اندر.

(صوبيدار ٻاهران وڃي قيدين کي وٺي ٿو اچي.)

عنبر: (ايندي ئي) سائين آءٌ بي ڏوهو آهيان. مانکي ته ناحق ۾ ڪري پڪڙيو اٿن.

صوبيدار: سائين اهو ساڳو عنبر اٿو جنهن کي سائينجن ڇهه مهنا ٽيپ ڏني هئي. پوءِ اپيل ۾ ڇٽي ويو.

مختيارڪار: هاڻي ڏسان ڪنهنکي ٿو اپيل ڪري. اصل ڪٽي ٻلي ڪان ٿو سوگهو پڌانس. صوبيدار صاحب فريادي هيجي ته حاضر ڪريوس.

صوبيدار: (نائڪ کي) هن واڻئي کي سڏي وٺ.

(نائڪ وڃي سڏي ٿو اچيس)

مختيارڪار: (جوابدارن کي) اڙي اوهان کي ڪوهن ڪان سوال پڇڻو آهي ؟

عنبر: سائين هن واڻئي کان پڇو ته آءٌ هوس ؟

واڻيو: ساءِ مون تہ مڙني کي گڏ ڏٺو. ويڙهي مال جون ٿيون ڪيا؟.

مختيارڪار: (پوڻڊو ڏيئي) ڪار منهان بڌءِ! سوال پڇي مفت وقت پيو وڃائين.

عنبر: ساءِ مونسان ظلم آهي.

مختيارڪار: بس گهڻو نہ ڳالهاءِ. (پٽيوالي کي) اڙي سڏ ڪر دائود کي.

(دائود کي پٽيوالو اندر وٺي ٿو اچي)

مختيارڪار: اڙي دائود تون سرڪاري گواه آهين؟

دائود: هائو مختاور شل حياتي ۽ جو خير هجيئي.

مختيارڪار: ڪلمو پڙ.

دائود: لا الہ الا اللہ محمد رسول اللہ.

مختيارڪار: هنن ٽنهي جوابدارن کي سڃاڻين ٿو؟

دائود: جي سائين.

مختيارڪار: هنن برابر چوري ڪئي؟

دائود: جي ساءِ.

مختيارڪار: هي جوابدار سڀ حاضر هوا.

دائود: جي ساءِ.

مختيارڪار: (جوابدارن کي) اڙي اوهانکي ڪو ڪائنس سوال پڇڻو آهي؟

عنبر: ساءِ پڇينس تہ آءٌ چوري مهل هوس؟

دائود: ساءِ ڏس واٽئي جو انهي ڏنو.

مختيارڪار: (پوندو ڏيئي) پڌءِ حرامخور. ڌاڙ
پوٽ کي پٺي پڌي جڏ نہ تہ خواهمخواه موچڙا کائيندين.
(منشي مراد خان کي) منشي هنن کي ڪهڙو قلم لڳائجي؟
ٽي هزار رہ سو چار ڪين چار هزار پنجسو اٺ؟

مراد خان: ساءِ مري ويندا.

دائود: بختاور آءٌ هيترن ماجريلن وٽ ويو آهيان
تہ مون نہ ڪڏهن بہ ايڏو وڏو قلم ڪون پڌو. هيور شايد
قاعدا ڦيرايا اٿن!

مختيارڪار: اها تہ ٽڙاجا ڪي جڏين ٿو؟
[جوابدارن کي] اڙي پڌو ٿا هر هڪ کي ہہ ہہ سال ٽيپ.
پٽيوالا وٺي وڃي پهري هيٺ وهارين.

[اتي هڪڙو ٽپالي لفافو کڻي اچي ٿو، جو پٽيوالو
وٺي مختيارڪار کي ڏئي ٿو.]

مختيارڪار: منشي مراد خان اسانجي بدلي ٿي
آهي. ٽن مهينن لاءِ ڊيپٽي جي جڳهہ تي رکيو اٿن.

مراد خان: مبارڪ!

(اتي سڀجي آفيس ۾ خبر پکڙجي ٿي وڃي؛
سڀ اچي خانصاحب کي مبارڪ ٿا ڏين.)

پورو ٿيو.